SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريه 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2001

اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001

THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 6_B جو اضافو
Addition of Article 6_B Act II of 1899

3. ايڪٽ II مجريه 1899 جي آرٽيڪل 22_A جي ترميم
Amendment Article 22_A Act II of 1899

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXV مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXV OF 2001

اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001

THE STAMP (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[23 نومبر 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ 1999 تي جاري ڪيل پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تنهنڪري هاڻي مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جي پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺيون ڄاڻايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

ايڪٽ II مجريہ 1899 جي آرٽيڪل 6_B جو اضافو
Addition of Article 6_B Act II of 1899

2. اسٽمپ ايڪٽ، 1899 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شيڊول –I ۾:

(i) آرٽيڪل 6_A کانپوءِ هيٺين ڄاڻايل نئين آرٽيڪل کي شامل ڪيو ويندو:-

" آرٽيڪل ٽڪٽ 6_B"

(a) ڊوميسٽڪ پنجويهہ روپيہ

(b) انٽرنيشنل ٻہ سو پنجاهہ روپيہ

ايڪٽ II مجريہ 1899 جي آرٽيڪل 22_A جي ترميم
Amendment Article 22_A Act II of 1899

(ii) آرٽيڪل 22_A ۾، الفاظ ۽ ڪاما" ايئرلائين ٽڪٽ"، کي حذف ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.